ڊاڪٽر آزاد قاضي

# بيدل جو مذهب ۽ صوفياڻو فڪر

**Abstract.:**

*Mysticism is popularly associated with becoming one with God or the Absolute, but may refer to any kind of ecstasy or altered state of consciousness which is given a religious or spiritual meaning. It is sometimes referred to the attainment of insight in ultimate or hidden truths, and to human transformation supported by various practices and experiences.*

*There are so many mystic saints, scholars, and poets in sub-continent. Sindh has always remained rich in the mystic philosophy. Common people of Sindh have mystic philosophy. They behave in accordance with said philosophy even in their common life activities. There are so many mystic poets in Sindhi language, mainly Shah Abdul Karim, Shah Inayat, Shah Lutufullah Qadri, Shah Abdul Latif, Sachal Sarmast, Sufi Sadique Faqir, Qadir Bux Badil etc. They have and preached philosophy of love, peace, humanity, prosperity, and well-being of humans. In this research paper, I have tried to explore the poetry of Qadir Bux Bedil, and trace out his mystic approach.*

**مذهب** بنيادي طرح انساني وهمن، وسوسن ۽ پرمن جي پيداوار آهي، جيڪو انسان جي وجود ۾ اچڻ کان شروع ٿيو آهي. جيئن جيئن انسان تهذيبي زندگيءَ جا ارتقائي مرحلا طئي ڪيا آهن، ساڳيءَ ئي رفتار سان مذهب جو ارتقائي عمل پڻ جاري ۽ ساري رهيو آهي. تاريخ جي اُن ڊگهي سفر جي تفصيل ۾ وڃڻ بجاءِ، هتي ايترو چوڻ مناسب ٿو سمجهجي، ته انهن هزارين سالن واري عمل ۽ وقت بوقت اصلاح لاءِ ايندڙ پيغمبرن، رَشين، درويشن ۽ فيلسوفن جي عملي تجربن توڙي اصلاحي تبليغن جي باوجود، بحيثيت مجموعي دنيا حقيقي معنيٰ ۾ ترقيءَ وارا ڏاڪا طئي ڪري نه سگهي آهي. انساني سوچن ۽ عملن ۾ اڄ به ڪيترن ئي قديم دؤرن وارن وهمن، وسوسن، خوف ۽ لالچ وارا اهڃاڻ نمايان نظر اچن ٿا. انسانذات جي سڌاري لاءِ ڪوشش ڪندڙ اڪيچار پيغمبرن ۽ ناصحن جي ڪٿيل ڪشالن، ڏنل قربانين ۽ بار بار جاري ڪيل هدايتن جي، اهڙا ڪيئي قسم جا آثار اڄ به انسانذات ۾ موجود آهن، جن جي جڙ مذهبي تفرقي بازي ۽ فرقي پرستيءَ ۾ سمايل نظر اچي ٿي.

اڄ دنيا جي مختلف ملڪن، پاڪستان جي مختلف حصن توڙي سنڌ اندر جيڪو بنياد پرستيءَ جي پکيڙڻ وارو عمل جاري آهي، جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو ته





ان جي جڙ يا پاڙ ذاتي ۽ گروهي مفادن، خواهشن ۽ مقصدن جي حاصلات واري عمل ۾ سمايل نظر ايندي، ان ڳالهه جو دين ڌرم جي روح ۽ ڳُر سان ڪو تعلق ئي ڪونهي.

حضرت محمد ڪريم ﷺ جن کي آخري نبي سڏيو وڃي ٿو، ان آخري هئڻ واري دعويٰ جو مطلب آهي ته، هن کان پوءِ ٻيو ڪو نصيحت ڪرڻ ۽ هدايت ڏيڻ وارو نبي اچڻو ناهي، پر مصلح، سڌارڪ، عالم ئي ان عالمگير پيغام کي اڳتي پکيڙيندا ۽ پهچائيندا. ان راءِ کي ذهن ۾ رکندي، هيٺين ڳالهين تي ذرا غور ڪريو. رسول مقبولﷺ کي 'رحمت اللعالمين' ڪري موڪليو ويو، اُهو عالَم جنهن ۾ ڪيترن ئي ڌرمن، عقيدن ۽ قومن وارا انسان رهن ٿا ۽ ڌار ڌار عبادتون ۽ ڪِرياڪرم ڪن ٿا. ان 'رحمت اللعالمين' وارو درجو رکندڙ پيغامبر پنهنجي آخري خطبي ۾، جنهن کي 'حجة الوداع' طور ياد ڪيو وڃي ٿو، دنيا وارن اڳيان اهو اعلان ڪيو هو ته: "اي انسانو! الله تعاليٰ اسان ۽ توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ توهان جا ڪيترا قبيلا ۽ خاندان آهن، اهي فقط اوهان جي سڃاڻپ لاءِ آهن. توهان سينيءَ مان عزت وارو اهو آهي، جيڪو سينيءَ کان وڌيڪ تقويٰ وارو ۽ پرهيزگار هجي."[١]

ان ساڳئي خيال کي وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪندي پاڻ فرمايائون: "ڪنهن عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ ڪنهن عجميءَ کي ڪنهن عربيءَ تي ڪا به فضيلت ڪا نه آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن اڇي کي ڪاري ۽ ڪنهن ڪاري کي اڇي تي ڪا فوقيت نه آهي، سواءِ تقويٰ جي."[٢]

رسول مقبول اٽڪل ڏيڍ لک کن ماڻهن جي عوامي ميڙ کي جيترا ڀيرا به مخاطب ٿيو، ته 'انسانو'، چئي مخاطب ٿيو. جيتوڻيڪ حج جي موقعي تي گڏ ٿيل مجموعو مسلمانن جو ئي هوندو. پر انهن سان 'اي مسلمانو' چوڻ بجاءِ 'اي انسانو' جهڙو وسيع مفهوم وارو جملو چوڻ مان ئي ظاهر ٿئي ٿو ته، رسول مقبول جي ذهن ۾ 'انسانذات جي ڀلائيءَ' وارو وسيع ڪئنواس هو. جنهن سان پاڻ پنهنجي فڪر کي مسلمانن تائين محدود رکڻ بجاءِ، وسيع معنيٰ ۽ مفهوم سان سڄي عالم انسانيت لاءِ ورجائيندا پئي رهيا. اهڙي ئي وسيع مفهوم هيٺ هڪ ٻئي جي جان ۽ مال کي مقدس سمجهندي، حفاظت ڪرڻ واري مفهوم سان اهو ڪم هڪ ٻئي لاءِ عرفات واري ڏينهن ۽ حج واري مهيني جهڙو مقدس قرار ڏيندي فرمايائون:

"اي انسانو! توهان جون جانيون ۽ توهان جو مال، هڪ ٻئي جي لاءِ قيامت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تائين اهڙائي قابل احترام آهن. جيئن اڄوڪي ڏينهن (يومِ- عرفہ) ۽ هن مهيني (ذوالحج) جو احترام هن شهر ۾."[٣]

اهو عالمي ميڙاڪو، جنهن کي پيغامبرﷺ 'اي انسانو' چئي مخاطب پئي ٿيو. ان تي ايندڙ وقت ۾ پيش ايندڙ خود غرضانہ ۽ مفاد پرستيءَ وارن روين بابت نشاندهي ڪندي، رسول مقبول انسانذات کي انتباھ ڪيو تہ: "خبردار، مون کان پوءِ گمراھ نہ ٿجو، جو هڪ ٻئي جي ڳچي پٽڻ لڳو. توهان کي الله پاڪ جي اڳيان حاضر ٿيڻو پوندو ۽ توهان مان هر هڪ کان سندس اعمالن جي پڇا ٿيندي. ياد رکو، ڏوهاري پنهنجي ڏوھ جو پاڻ ذميوار آهي. خبردار پيءُ جي ڏوھ جو ذميوار پٽ نہ آهي."[٤]

بيان ڪيل تفصيل جو واضح مطلب اهو آهي تہ، سڀ انسان ساڳي برابريءَ جا مالڪ آهن، ڪنهن هڪ کي ٻئي تي ڪائي برتري ڪانهي. هر ڪو پنهنجي عملن جو پاڻ ذميوار آهي. ان سلسلي کي وڌيڪ نمايان ڪرڻ ۽ انسانذات ۾ سڌارو آڻڻ واري مقصد سان قرآن ڪريم اها ورهاست هن طرح ڪئي آهي، 'افضل اشغال خدمت الناس' (انسان جي خدمت ڪرڻ بهترين مشغلو آهي)، اهوئي اعليٰ افضل عمل آهي. اهو حضرت انسان، جنهن جي قلب ۾ ڪعبو هئڻ جو حوالو مليل ٿو. تڏهن ئي تہ سنڌ جي هڪ صوفيءَ ان ڳالھ جو برملا اظهار ڪري ڇڏيو تہ:

قلب اندر جو ڪعبو ڏنوسين،
مڪي وڃڻ جو ڪهڙو ضرور!

انساني قلب کي 'ڪعبي' جو درجو نصيب ٿئي، ان جو تعلق بہ 'خدمت الناس' واري عمل ۽ ڪردار سان آهي ۽ اهو تڏهن ئي حاصل ٿي سگهي ٿو، جڏهن انسان 'هِنَ هُنَ'، 'هِي هُو' واري فرق کان پنهنجو پاڻ کي آجو ڪندي، 'وحدت واري واٽ' جي اصليت ۽ اهميت کي سمجهي، پنهنجي قول ۽ فعل جي هم آهنگي ثابت ڪندو.

صوفياڻي اصطلاحن مان هڪ اصطلاح آهي 'تقويٰ' جيڪو 'وِقايہ' مان نڪتل آهي، جنهن جو مطلب آهي، 'پاڻ بچائڻ يا پنهنجي حفاظت ڪرڻ'. سڀني صوفين جو تقويٰ تي زور هوندو آهي، ان ڪري ئي انهن جو زور خواهشن کي ختم ڪرڻ لاءِ 'تزڪيہ نفس' ۽ 'تزڪيہ روح' ئي هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ: "صوفياڻي رويي ۾ 'تقويٰ' جو مطلب قادر جون مقرر ڪيل حدون نہ اورانگهڻ ۽ پاڻ کي خدا جي سزا کان بچائڻ بيان ڪيو ويو آهي."[٥]





تصوف جي حوالي سان مختلف دؤرن ۾ مختلف شخصن پاران ڌار ڌار ڪوششون ٿينديون پئي رهيون آهن، جن موجب ڪن بزرگن تصوف کي بہ 'مذهب ۽ نظريي وارو رنگ' ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙي ئي عمل جي نتيجي ۾ تصوف جو مذهبي رنگ يعني 'اسلامي تصوف' جو ذڪر ٿيندو پئي رهيو آهي، جڏهن تہ تصوف بنيادي طور تي 'انساني عمل، ڪردار ۽ رويي' جو نالو آهي. ان سلسلي ۾ ترڪيءَ جو مشهور عالم محمد فتح الله گيولن لکي ٿو: "انهن مڙني خواهشن ۽ ڪمزورين کان پاڻ کي آجو ڪجي، جيڪي انساني فطرت جو حصو آهن. پاڻ ۾ پاڪ ۽ پوتر جذبا پيدا ڪجن ۽ هر عمل رڳو خدا جي رضا لاءِ هجي."[٦]

مٿينءَ وضاحت مان معلوم ٿئي ٿو تہ، 'عمل، رويو يا ڪردار' ئي سڀ ڪجھ آهي، نہ ڪ ڏيکاءُ - مٿي ذڪر ڪيل معلومات جي روشنيءَ ۾، اسان کي 'بيدل سائينءَ' جي صوفياڻي فڪر ۽ مذهبي معاملي تي روشني وجهڻ جي ضرورت آهي.

بيدل سائينءَ جي مذهب بابت سڀني قلمڪارن جي اها متفقہ راءِ آهي تہ:

"بيدل سائين حنفي فرقي وارن سُنين مان هو، مگر سندس طبيعت قدري شيعن جي روش سان بہ ملي ايندي هئي. حضرت عليؓ ۽ سندس اولاد حضرت امام حسنؓ ۽ امام حسينؓ لاءِ ڪيس عزت ۽ اُڪير هئي. انهن جي شهادت جو سوز سندس سيني ۾ سمايل هو. روهڙيءَ ۾ وڏن عاشورن جي ماتم ۾ هلي پِٽڪي ۾ شامل ٿيندو هو، جا ڳالھ سُنين جي نظر ۾ ناجائز سمجهي وڃي ٿي، پر بيدل سائين هڪ آزاد طبع انسان هو ۽ هو صاحب جتي گڻ ڏسندو هو، اُتي نياز ڪندو هو."[٧]

بيدل سائينءَ جي حوالي سان مٿي ذڪر ڪيل ڳالهيون برابر صحيح آهن. هن سماج ۾ رهندي هر ماڻهو مذهبي ريتن، رسمن ۽ سماجي قدرن سان ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان لاڳاپيل رهي ٿو. هونئن بہ خاص طور تي مذهب هر انسان جو انفرادي فعل آهي، جيڪو هر انسان پنهنجي پنهنجي سمجھ موجب اختيار ڪرڻ واري عمل ۾ ان وقت تائين بااختيار آهي، جيستائين اهو باقي ٻي انسانذات لاءِ مضر ثابت نہ ٿيندو هجي، ۽ اها ثابتي هر انسان جي عمل ۽ ڪردار مان ئي ملي سگهي ٿي ۽ صوفي بزرگن جو ڪلام ۽ ملفوظات، ان سلسلي ۾ عوام الناس جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا.

اسين جڏهن بيدل سائينءَ جي صوفياڻي فڪر ۽ مذهبي تعليمات بابت ويچار ڪرڻ ويهون ٿا، تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ، بيدل سائينءَ جي مذهب بابت جيڪو ڪجھ

بيان ڪيو ويو آهي، سندس ڪلام ان خيال کان گهڻو اڳتي ۽ وسيع معنيٰ ۽ مفهوم وارا ڏانءُ ڏسي ٿو، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ٻين ڪيترن صوفي شاعرن وانگر بيدل سائين به محدود هئڻ بجاءِ، وسيع النظر هو، ان ڪري پاڻ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن هڪ جاءِ محدود رکڻ بجاءِ، 'سڀ ۾ پرين پسڻ' واري وسيع تصور جو داعي نظر اچي ٿو. اهڙو خيال رکندڙ درويشن وٽ اول ۽ آخر انسان ئي هوندو آهي ۽ سندس فڪر ۾ انسانيت جو اعليٰ ترين مقام آهي.

دنيا اندر مختلف وقتن تي جيڪي الاهي احڪام پئي آيا آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان حضرت انسان کي 'اشرف المخلوق' هئڻ جو درجو مليو ٿو. اهو عمل ئي ٻڌائي ٿو ته 'عبادتون ۽ رياضتون'، 'نصيحتون ۽ هدايتون' جيئن ته اشرف المخلوق يعني اعليٰ انسان ٺاهڻ لاءِ آهن، انڪري مقصد اعليٰ انسان جو ٺهڻ آهي، نه ڪه عبادتن وارا طور طريقا - اهوئي سبب آهي، جنهن ڪري دين اسلام ان معاملي ۾ وڏ ۾ وڏ انسان لاءِ سهوليتون پيدا ڪيون ويون آهن، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته، عبادت جا مختلف انداز، مقصد نه، پر اصل مقصد جي حاصلات جو ذريعو آهن، ان ڪري ئي ته پاڻ ئي فرمايو هو:

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

اهو 'ٻيو ڪو فهم' ڪهڙو آهي؟ اهو آهي 'وحدت واري واٽ'، يعني 'سڀ ۾ پرين پسڻ واري راز' کي پروڙڻ ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ. جيڪو به فرد وحدت واري واٽ کي پروڙي ٻيائيءَ کان پري ٿيندو، اهو تعصب، وڏائي، نفرت ۽ حقارت جهڙن فعلن کان آجو هوندو، جڏهن اهو اهڙن اوگڻن کان پرهيز ڪندي اندر اُجاريندو، تڏهن ئي ته انسان دوستي ۽ ڀائيچاري واري واٽ ڏسي سگهندو. سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي صوفين جيان بيدل سائينءَ جي عمل ۽ ڪردار ۾ اُهي سمورا گڻ سمايل نظر اچن ٿا.

بيدل سائين پنهنجي عمل ۽ فڪر ۾ فساد جي خلاف. وٽس انسان جي وڏي اهميت هئي، ان ڪري مذهب (جي ظاهري تشريح) کي جهيڙي جي جڙ تصور ڪندو هو. تڏهن ئي ته مذهب جي جهڳڙن جي مخالفت ڪندي فرمائي ٿو:

مذهب دا سَت ڪوڙا جهڳڙا، وحدت دي گهن راهه،
وحدت دا نِتُ خيال ڪماوين، ڇوڙ ثواب گناهه.[٨]

بيدل سائين رڳو عام فهم ۾ مذهب جي مخالفت نه ٿو ڪري، پر پاڻ 'مذهب جي فرقن' کي مختلف انساني سوچن جي پيداوار تصور ڪري ٿو. جن پنهنجي پنهنجي





خواهشن جي پورائيءَ لاءِ نوان نوان نالا رائج ڪري، حدبنديون پيدا ڪرائي، 'فرقيواريت' واري رجحان کي هوا ڏيڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ان ڳالهه طرف اشارو ڪندي بيدل سائين فرمائي ٿو:

چلندا چال انانيت دي، هر مظهر سلطان،
شيعا آپ نون جي ڄاڻي، رکندا عالي شان.
سُني ڪر ديدار دي دعويٰ، خاص سڏاوي خان،
هندو سرگ سمورا نيندا، باتيان ڪر بيان.
وچ بهشت وڃڻ نهين ڏيندا، ٻي نون مسلمان،
بيدل يار ڪر بندا ظاهر، آپ نون هر عنوان.[٩]

اهڙي ريت بيدل سائين مذهبي منافرت ۾ پوڻ کان پاسو ڪرڻ واري تلقين ڪندي فرمائي ٿو:

مذهب جو مونجهارو ڇڏي، ذاتي ڪنهن ڏي ڪاهه ڪر،
شيعي سُنيءَ کان پچ پري، رُخ رمز واري راهه ڪر.[١٠]

هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته، بيدل سائين شيعي سُنيءَ کان پري پڇي، جنهن رمز واري راهه جو رخ اختيار ڪرڻ واري ڳالهه ڪري ٿو، اها رمز واري راهه ڪهڙي آهي؟ ان طرف اشارو ڪندي پاڻ ئي فرمائي ٿو:

دين ڪُفر جي دور ڪُون، ٻُجهي موجب منصوري پري پري،
لا مذهب ڪو صوفي سالم سير وحدت جو ڪري ڪري.[١١]

بيدل سائين مذهبي فرقي بندين کان پاسو ڪندي، لازمي طرح صوفيءَ واري راهه اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو:

صوفي لا مذهب تڪرار، هر مذهب ڪُون آ بيزار،
ڪي تا سُني صاف سڏائين، ڪي تا شيعا پاڪ ڪونائين،
گيت همه جو عاشق ڳائين، عشق جو آ اسرار.[١٢]

ان ئي ساڳي ڪيفيت ۾ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

مذهب دي باتيان نون برها، هڪ پل وچ اڏاويگا،
صوفي لا مذهب مستي وچ، اناالحق الاويگا.[١٣]

پر ان 'اناالحق' واري پد تي پهچڻ به ڪو آسان ڪم نه ڪونهي. ان پنڌ تي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پهچڻ ۾ اهڙو صوفي ٿيڻ، سر جو سانگو لاهڻ جي برابر آهي. ان ڪري شيعو يا سُني ٿيڻ تہ سولو آهي، پر اهڙي فرقيبازيءَ کان مٿانهون ٿيڻ وارو ڪم اوکو آهي. ان ڳالهہ طرف اشارو ڪندي بيدل سائين فرمائي ٿو:

شيعا سُني ٿيوڻ سوکا، صوفي ڪوڻ سڏاويگا،
بي سِري دا منصب پا ڪر، سولي سر چڙهاويگا.[۴]

بيدل سائين صوفيءَ کي 'بي سِري' يعني سر قربان ڪرڻ واري سان ڀيٽ ڏني آهي ۽ اهو اعليٰ شان ۾ مٿانهون مقام آهي، جيڪو صرف ۾ صرف عاشقانہ انداز ۾ مذهبي حدبندين کان پري رهي، وحدت واري واٽ اختيار ڪرڻ واري کي ئي نصيب ٿي سگهي ٿو.

عاشقان دي نال مذاهب، آک سنئيان ڪيا لڳي لڳي،
مذهب دين دي باتين اوري، عاشق ويندي اڳي اڳي،
صوفي صاف وسن وحدت وچ، دين ڪُفر تون پڳي پڳي،
دين ڪُفر نون چوڙ پچيون تي، تار عشق دي تڳي تڳي.[۱۵]

هتي اها ڳالهہ وڌيڪ واضح ٿي بيهي ٿي تہ، صوفي ڪنهن مذهبي حد بندي يا گروهہ بنديءَ توڙي دين ڪُفر جي دائري کان آجو ٿي، 'صوفي صاف وسن وحدت وچ' واري واٽ وٺڻ جو نالو آهي. ان حوالي سان بہ بيدل سائين واضح لفظن ۾ هيٺين نصيحت ڪري ٿو:

بيدل مذهب ڪُون رهہ نيارو، وحدت رک ويساهہ،[۱۶]
آهي هندو مومن ايک وچ عقيدت وحدت والي.[۱۷]

آخر ۾ بيدل سائينءَ جي لفظن ۾ اها ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي تہ بيدل سائين ڪُفر ۽ اسلام، شيعو ۽ سُني واري چڪر ۾ پوڻ کان پاسي ٿي رهي، صوفي ٿيڻ ۽ وحدت واري واٽ وٺڻ جي بارها تلقين ڇو ٿو ڪري؟ اهو انڪري جو سندن خيال ۾ صوفيءَ جو مٿانهون مقام آهي، تڏهن تہ چئي ٿو ڏئي:

شيعا سُني ٿيڻ سؤکا، صوفي ڪوڻ سڏاويگا.[۱۸]

اها وحدت واري وائي، جيڪا صوفي ٿيڻ واري اعليٰ مقام تي پهچائي، سمورا ويڇا ختم ڪري ٿي ڇڏي، ان حقيقت کي بہ بيدل سائين هن ريت نمايان طور ظاهر ڪري ٿو.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، نوري اَئون ناري،
دين ڪُفر آهن ٻئي ڄڻ، هڪ وڻ جي ٽاري،





حاذق هشياري، رکين انهيءَ رمز جي.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، اڇو اَئون ڪارو،
نينهن هنيو نعرو، هر مظهر ۾ هيڪڙو،

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ڪُفر اَئون ايمان،
مظهر مولا پاڪ جو، هندو مسلمان،
تارا ڪيا تالان، سورج سندي سوجهري.[۱۹]

هندو توڙي مسلمان ٻئي مولا پاڪ جو مظهر آهن. اهوئي سنڌ جي صوفين جو اعلان آهي، اهو ئي سنڌ جو پيغام آهي.

## حوالا


١. ابڙو، محمد جي. 'حج ۾ حجة الوداع جو خطبو'، ماهوار 'نئين زندگي'، مئي، ١٩٩٣ع، ص: ٢٧.
٢. ساڳيو، ص: ٢٧.
٣. ساڳيو، ص: ٢٧.
۴. ساڳيو، ص: ٢٧.
۵. گيلن، محمد فتح الله، 'تصوف جو ٽيڪسٽ بوڪ'، مترجم: مظفر بخاري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠١٠ع، ص: ٧٠.
٦. ساڳيو، ص: ١۴.
٧. ڪيسواڻي، لوڪو مل، 'سنڌي شعر جي ڪسوٽي'، ١٩۴٦ع، ص: ۴١.
٨. هرجاڻي، گدو مل، 'ديوان بيدل'، بيدل يادگار ڪاميٽي، روهڙي، ٢٠٠٧ع، ص: ٢٧٣.
٩. ساڳيو، ص ٢٢٠.
١٠. ساڳيو، ص ٢٨٢.
١١. ساڳيو، ص ٢٢٦.
١٢. ساڳيو، ص ٢٩٩.
١٣. ساڳيو، ص ١۴٧.
١۴. ساڳيو، ص، ١۴٧.
١۵. ساڳيو، ص ٢٣۵.
١٦. ساڳيو، ص، ١٧۴.
١٧. ساڳيو، ص، ١٩۵.
١٨. ساڳيو، ص ١۴٧.
١٩. ساڳيو، ص، ١٢.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair